ان سان گڏوگڏ سندس جسماني ۽ ذهني حالتن جي باري ۾ به جيڪو ڊاڪٽر مناسب سمجهي لکيو ويندو. جيڪڏهن قيدي کي سخت پورهئي سان سزا ملي آهي ته پوءِ هو ڪهڙو پورهيو ڪري سگهندو ( سخت، وچٿرو يا هلڪو(پ پ آر 2011 رول 18

## چا مونکي جيل ۾ ماني به ملندي؟

سيني قيدين سواءِ انهن جي جن کي ٻاهريان کاڌو خريد ڪرڻ يا حاصل ڪرڻ جي اجازت هجي، کي سرڪاري خرچ تي کاڌو ملندو ڪيو ويندو، اهو کاڌو جيل جي بورچي خاني ۾ قيدي بورچين پاران تيار ڪيو ويندو، پوڙهي قيد تي عورتن، بيمار قيدين ۽ ٻارن جي لاءِ خاص خوراڪ جو بندوبست ڪيو ويندو. (شق نمبر 468، 507 جيل مينوئل) سپرنٽنڊنٽ روزانو جي بنياد تي پڪل کاڌي جو معائنو ڪندو. (شق نمبر 506 جيل مينوئل) سپرنٽنڊنٽ پنهنجي مرضي اختيارين هيٺ ڪنهن کي پاڻ کاڌو پچائڻ جي رعايت به ڏئي سگهي ٿو.-شق نمبر 338 جيل مينوئل

## چا آئون ضمانت حاصل ڪري سگهان ٿو؟

جيل مان ضمانت تي آزادي هر ضمانت واري ڏوهه جي قيدي جو حق آهي، ضمانت نه ٿيڻ ڪيسن ۾ به صحت جي خراب حالتن، وڏي عمر، ٻارن يا عورت هجڻ جهڙن خاص بنيادن تي يا ڪنهن ان بنياد تي جيڪو ڪورٽ مناسب سمجهي ضمانت ملي سگهي ٿي.

## مون کي ڪورٽ ۾ ڪڏهي پيش ڪيو ويندو؟

سيشن ڪورٽ ڪيسن ۾ جيئن عدالت قيدي کي حاضر ڪرڻ جي تاريخ وارنٽ جاري ڪندي ۽ P.O مقرر ڪندي ۽ انهن جي حوالي سان سندس ان کي قيدي جي ٽڪيٽ تي داخل ڪيو ويندو ته پوءِ قيدي کي ان مقرر تاريخ بابت آگاهه ڪيو ويندو ته جيئن هو پنهنجي قانوني بچاءُ جي (حوالي سان مناسب بندوبست ڪري سگهي.-شق 368 جيل مينوئل

## چا آئون جيل ۾ ڪو ڪم ڪري سگهان ٿو؟

ڪچا قيدي جيڪڏهن اهي چاهين ته ڪين جيل جي فيڪٽري اندر ڪنهن به مزدوري ۾ لڳائي سگهجي ٿو، هر ٻڌڻي هيٺ ڪيس جي ڪچي قيدي تي لازمي آهي ته هو پنهنجو پاڻ کي پنهنجي ڪپڙن کي ۽ بستري کي صاف رکي ۽ اهو به ضروري آهي ته هو پنهنجي ڪوٺڙي يا وارڊ کي صفائ رکي پر هن کان اخلاق کان ڪريل ڪوبه ڪم نه ورتو ويندو، ڪاڪوس صاف ڪرڻ، نالين جي صفائي ۽ ان قسم جا ٻيا ڪم پگهاردار صفائي ڪارڪنن کان ورتا ويندا.

نوٽ: جيڪي ٻڌڻي هيٺ ڪيسن جا قيدي رضاڪاراڻا طور تي جيل جي فيڪٽري ۾ ڪم ڪن ٿا انهن کي سڄي ڏينهن جي ڪم لاءِ 50 روپيه ڏنا ويندا ۽ انهن کي مزدور وارو کاڌو به ڏنو ويندو.-شق نمبر 381 جيل مينوئل

## چا آئون جيل ۾ نماز پڙهي سگهان ٿو؟

مذهبي معاملن ۾ ڪنهن قسم جي مداخلت جي اجازت نه ڏني ويندي، هر قيدي کي پنهنجي عقيدي مطابق عبادت ڪرڻ جي اجازت آهي، قيدين کي جيڪڏهن اهي سني ورتاءُ جو واعدو ڪن ته گڏيل عبادت جي اجازت ڏني ويندي، موت جي قيدين ۽ سزا جي ڪوٺڙين ۾ بند ڪيل قيدين کان سواءِ باقي قيدين کي جمعي ۽ عيد جي اجتماعي نماز ۾ شرڪت جي به اجازت ڏني ويندي، مسلمان قيدين کي رمضان ۾ روزي رکڻ جي به اجازت هوندي ۽ انهن لاءِ گرم ۽ تازي سحري مهيا ڪئي ويندي.-شق 681 جيل مينوئل

## چا قيدي کي وڪيل رکڻ جي اجازت هوندي ۽ ، هو وڪيل ڪيئن حاصل ڪري سگهجي ٿو؟

هر قيدي کي پنهنجو وڪيل ڪرڻ جو حق آهي ڪوبه قيدي يا ته پنهنجو وڪيل پاڻ ڪري سگهي ٿو يا جج کي درخواست ڏئي سرڪاري وڪيل پڻ حاصل ڪري سگهي ٿو، ڪيترين ئي غير سرڪاري تنظيمون پڻ جيل ۾ ڪم ڪري رهيون آهن جيڪي قيدين کي قانوني مدد مهيا ڪن ٿيون جيل اختياريون پڻ اهڙين تنظيمن سان قانوني مدد لاءِ رابطو ڪري سگهن ٿيون.

LEGAL AID OFFICE

جيل جا قانون

# جيل جا عام قاعدا

هي معلومات توهان کي ليگل ايڊ افس ۽ سنڌ جي جيل کاتي جي مدد سان ڏني پئي وحي.
هي ڪتابچه وومن ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ (حڪومت سنڌ) جي ساهڪار سان ڇپرايو ويو آهي.

## مونکي هڪ قيدي جي حيثيت سان جيل ۾ ڪيئن رهايو ويندو؟

قيدين کي جيل ۾سزا مليل قيدين (اهي جن کي ڪنهن ڏوهه ۾ سزا ملي هجي يعني پڪا قيدي يا انهن جو ڪيس هلي رهيو آهي، يعني ڪچا قيدي،) سول قيدي ۽ رياست جا قيدي، (شق 224 جيل مينوئل) سزا مليل قيدين کي ٻارن جوينائيل قيدي يعني 18 سال کان گهٽ وارا، نوجوان قيدي، يعني 18 کان 21 سال وارا ۽ بالغ قيدي يعني 21 سال کان وڏي عمر وارا جي حساب سان رکيو ويندو آهي، (شق 227 جيل مينوئيل). ڪچا قيدي يعني سزا نه مليل قيدين ۾ به ورهايو ويندو آهي، يعني اهي جيڪي سيشن ڪورٽ آڏو پيش ٿين ٿا ۽ اهي جيڪي ٻين عدالتن آڏو پيش ٿين ٿا. شق نمبر 229 جيل مينوئل

## مونکي هڪ قيدي هجڻ جي ڪري جيل ۾ ٻين قيدين کان ڪيئن الڳ ڪيو ويندو؟

عورت قيدين کي هڪ ڌار جيل ۾ رکيو ويندو آهي، ٻار قيدين کي ڌار جيل يا اداري ۾ رکيو ويندو آهي ۽ ڪجھ قيدين کي سزا مليل قيدين کان الڳ ڌار رکيو ويندو آهي، سول قيدين کي ڏوهاري قيدين کان الڳ ڌار رکيو ويندو ۽ سياسي قيدين کي سمورن قيدين کان الڳ رکيو ويندو.-شق 231 جيل مينوئيل

## جڏهن آئون جيل ۾ ويندس ته منهنجي سامان ڪيئن ايندو؟

اسسٽنٽ سپرنٽنڊنٽ جيڪو جيل ۾ داخلا جو اڳواڻ انچارج هوندو آهي يا ڪو ٻيو ڊيوٽي آفيسر جيل ۾ اچڻ ٿيڻ مهل قيدين وٽ موجود سڀ شيون جن ۾ نقد، زيور يا ڪو ٻيو سامان شامل هجي، گڏ ڪندڻ ان سموري سامان کي داخلا رجسٽر ۾ لکندو ڪيو ويندو ۽ قيدي جي پراپرٽي واري رجسٽر ۾ پڻ لکندو ۽ ان سان گڏو گڏ قيدي جا ڪورٽ وارنٽ پڻ لڳايا ويندا ۽ اها فهرست سپرنٽنڊنٽ جي موجودگي ۾ قيدي کي پڙهي ٻڌائي ويندي جيڪو رجسٽر تي قيدي جي سامان جي تصديق ڪندو ۽ قيدي کي به اتي پڻ صحيح ڪرڻ يا اڱوٺي جو نشان لڳائڻ لاءِ چيو ويندو.-پ پ آر 2011 رول 68. 69

جيل مان ڇڙڻ مهل قيدي کي سندس سامان ۽ نقد واپس ڪيو ويندو ۽ قيدي ان جي وصولي جي رسيد تي پڻ صحيح ڪندو جنهن کي جيل جي داخلا رجسٽر ۾ رکيو ويندو جيڪڏهن جيل آفيسر جي قبضي مان ڪا نقد يا ڪو ٻيو سامان گم ٿي وڃي ٿو ته اهو جيل آفيسر پنهنجي خرچ تي پري ڏيندو.-شق 131 جيل مينوئل

## ڇا آئون جيل ۾ رهندي مهل بينڪ مان ڏي وٺ ڪري سگهان ٿو؟

جيل ۾ موجود قيدي پنهنجي پوئينرن گهروارن جي سار سنڀال لاءِ 500 رپين تائين جو چيڪ لکي سگهن ٿا، چيڪ تي قيدي جي صحيح کي سپرنٽنڊنٽ تصديق ڪندو چيڪ بڪ هميشه ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ ڊت رهندو،(پ پ آر 2011 رول 84) قيدي سپرنٽنڊنٽ کي اهو پڻ عرض ڪري سگهي ٿو ته سندس نقد رقم يا ٻيو سامان ڪنهن ٻئي فرد کي جيل کان ٻاهر ڏنو وڃي -پ پ آر 2011 رول 82

## ڇا آئون جيل ۾ پيئسا رقم پاڻ وٽ رکي سگهان ٿو؟

جيتوڻيڪ ڪچا قيدي ڪيسن جا قيدي پنهنجي خاندان يا عزيزن کان جيل قائدن ۾ اجازت ڏنل سامان وٺڻ لاءِ پئسا گهرائئ سگهن ٿا. (پ پ آر 2011 رول 377 ) پر اها رقم قيدي جي ڪيش ڊپازٽ اڪائونٽ ۾ جمع ڪئي ويندي جنهن کي جيل جي خزاني پاران سنڀاليو ويندو. (پ قيدي کي ڪنهن به صورت ۾ پئسا رکڻ يا خرچ ( (ii)پ آر 2011 رول 73 ڪرڻ جي اجازت نه هوندي جيڪڏهن ڪنهن قيدي جي ڪيش ڊپازٽ اڪائونٽ ۾ رقم آهي

ته هن کي قانون موجب اجازت ڏنل شيون خريد جي اجازت ڏني ويندي. انهن خريد ڪيل شين جي رسيد قيدي کان حاصل ڪئي ويندي ۽ داخل رجسٽر ۾ لڳائي ويندي، ساڳئي وقت قيدي جي ڪيش اڪائونٽ ۽ پراپرٽي رجسٽر ۾ داخلا رکي ويندي.

## ڇا آئون جيل ۾ پنهنجي پڙهائي ڪري سگهان ٿو؟

پرائمري تائين تعليم جيل ۾ سمورن اڻپڙهيل قيدين کي روزانو جي بنياد تي گهٽ ۾ هڪ ڪلاڪ روز پگهار ڏنل استادن معرفت ڏني ويندي جيڪي ان کم سان پڙهيل لکيل قيدي جي حيثيت ۾ ڳنديل هجن جڏهن ته وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جي خواهش رکندڙ قيدين کي پڻ سهولتون ڏنون ويندين، جيل ۾ هڪ سٺي لائبريري پڻ موجود آهي ۽ قيدين کي اتان ڪتاب حاصل ڪرڻ جي اجازت به آهي، (پ پ آر 2011 رول679 ) ڪچن قيدين کي لائبريري جي ڪتابن سان گڏوگڏ پنهنجا ڪتاب استعمال ڪرڻ جي اجازت به هوندي جن جي سپرنٽنڊنٽ اجازت ڏيندو. انهن کي پنهنجي خرچ تي اخبارون ۽ رسالا پڙهڻ جي اجازت پڻ ڏئي سگهجي ٿي.

## مون کي ڪيئن خبر پوي ته مون تي گهڻا ڪيس آهن ؟

ڪورٽ جي هر ٻڌڻي ۾ جاچ آفيسر پاران هڪ چالان (فرد جرم) ڪورٽ ۾ پيش ڪئي ويندي آهي جنهن ۾ قيدي تي لڳل الزامن جو تفصيل هوندو آهي،۽ ڪيس جي ڪاغزن جي هڪ ڪاپي قيدي کي به مهيا ڪئي ويندي آهي جيڪڏهن ٻڌڻي هيٺ ڪيس جي ڪنهن قيدي کي اها ڪاپي ناهي ملي ته هو جيل اختيارين يا جج کان اها ڪاپي حاصل ڪري سگهي ٿو.

## ڇا جيل ۾ اسپتال جي سهولت به موجود آهي.؟

جيل ۾ بيمار قيدين جي علاج لاءِ هڪ اسپتال هوندي، (پ پ آر 2011 رول 787 ) هر ڪچن ٻڌڻي هيٺ قيد ڪيس جي قيدي کي جيل ۾ داخل ٿيڻ وقت ڊاڪٽرن پاران معائنو پڻ ڪيو ويندو(پ پ آر2011 رول 369) هر قيدي کي داخل پڻ وقت ڊاڪٽرن پاران معائنو ڪيو ويندو ۽ انکي داخلا جي رجسٽر به ۾ لکيو ويندو جنهن ۾ عمر، قد، وزن ۽ قيدي جي صحت باري ۾ ڪيو ويندو ته اها سٺي آهي يا خراب. ان سان